شبنم گل جي ڊرامن جو فني، فڪري، تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو

Abstract:

Technical, intellectual, critical and research review of Shabnum Gul's plays

Shabnum Gul is a well-known short story writer, novelist, poet, columnist, compere and drama writer. She worked in the field of journalism and wrote for Sindhi, Urdu and English newspapers. She edited magazines, research journals and literary pages of newspapers during her writing career. She started her career as a columnist and story writer. Her columns brought much social awareness as her subjects were taken carefully and related to the prevailing issues. The same time, her stories gained much applause as well. She joined Radio Pakistan Hyderabad as a compere in 1986. She was soon offered to write a play for radio, which she did and was named "Ujhamial Deeo" in 1989. Her radio play " Band Darwazo" received excellent response from the listeners. Her two Urdu plays "Tapish" and "khwab raiza raiza " were nominated for best play award of the year in 1993. Gul also wrote television plays for KTN, PTV and for Hum channel, but she primarily focused on radio plays and introduced new themes and techniques in that field. Gul mostly deals with social issues but her plays also depict subjective approach, psychology and declination of social and moral values. These plays became the effective voice of the era at that time and established new trends in drama writing field. Gul has written a book named "Lahrun jo geet" (The song of waves) a collection of radio and television plays.

سنڌي ادب جي ليکڪائن جي صف اول ۾ شامل ٿيندڙ شبنم گل، هڪ مشهور کاڻيڪار، ڊرامانگار ۽ شاعره جي حيثيت ۾ سجاتي وجي ٿي انهيءَ کان سواءِ پاڻ هڪ سڄي ميزبان ۽ بهترين صداڪار به رهي آهي. شبنم گل ۵ سيپٽمر ۱۹۶۷ع تي دادو ۾ پيدا ٿي، سندس اصل نالو سلطانہ لاشاري آهي، ايم. اي انگلش ڪري

سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جو عهدو ماڻيائين، پاڻ هن وقت ايسوسئيٽ پروفيسر ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽي ۾ سيڪريٽري طور خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي . شبنم گل ادبي دنيا ۾ ۱۹۸۶ع ڌاري قدم رکيو، هُن پهرين ڪهاڻي 'چند گرهڻ' هئي جيڪا 'ناري ميگزين' ۾ ڇپي، ۱۹۸۶ع پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ انگريزي شعبي ۾ داخلا ورتائين، انهيءَ دؤران سندس واسطو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پاڪستان ٽيليويزن سان ٿيو، جتي هن ڪيترن ئي پروگرامن جي ميزباني ڪئي. پاڻ لکڻ جي شروعات روزاني 'امن ' ڪراچيءَ کان ڪيائين، پاڻ اخبار ۾ ڪهاڻيون، ڪالم، مضمون لکڻ ساڻ ئي عورتن جي صفحي 'بزم خواتين' ۾ مختلف نالين عورتن جا انٽرويوز به ورتائين. انهيءَ کان علاوه سندس لکيل ڪالم، ڪهاڻيون ۽ شاعري ٻين اخبارن ۾ به ڇپيل آهي، سندس لکيل قلمي پورهيي جو ڪتابي شڪل ۾ تعداد ۱۴ کن آهي، سندس لکيل ڪهاڻين جي پهرين مجموعي جو نالو 'اڻ ڄاتل شهر جو نقشو' ۱۹۹۵ع ۾ شايع ٿيو، ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو 'خالي هنج جو ڏڪ' ۲۰۱۷ع ۾ پوپٽ پبليڪيشن هائوس، خيرپور طرفان شايع ٿيو آهي. شبنم گل جي لکيل ناول 'مُکيءَ کان موڪلاڻي 'کي لينگويج اٿارٽيءَ طرفان سال جو بهترين ناول قرار ڏنو ويو.

ان کان سواءِ شاعري جي ڪتابن ۾، 'آخري لفظ' ۱۹۹۴ع ۾. ' منهنجو سورج مکي، ۲۰۰۷ع ۾، 'ساروٽيون' ۽ 'درد جي لئي، ۲۰۲۰ع ۾'. ۽ ناول ' مُکيءَ کان موڪلاڻي' ۲۰۱۵ع ۾. 'خود شناسيءَ جو جوهر' (ڪالم ۽ مضمون) ۲۰۱۹ع ۾. ۽ 'منتخب افسانا' ۲۰۱۹ع ۾. ڪالم 'لفظن جا ديپ' ۲۰۱۹ع ۾. سفرنامو 'خواب نگر' ۲۰۲۰ع ۾. اردو ۾ڪالم ۽ مضمون 'تحت الشعور کی طاقت' ۲۰۲۱ع ۾ . ڪالم ۽ مضمون 'پياسی لہريں' ۲۰۲۱ع ۾ شامل آهن.

پاڻ هڪ برڪ ڊرامانگار به آهي، ڪيترائي بهترين ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما لکيا اٿس، سندس ريڊيو لاءِ لکيل پهريون ڊرامو 'اجهاميل ڏيئو' ۱۹۸۹ع ۾ زيب سنڌي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پيش ڪيو، ان کانسواءِ سندس لکيل ڊرامو 'بند دروازو' 2 قسطون، جنهن ۾ پاڻ صداڪاري به ڪيائين. 'خواهشن جي صليب' ۽ 'سوپيا جو سندر سپنو' پروڊيوسر گل حسن قريشي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ڪيا. شبنم گل پاڪستان ٽيليويزن لاءِ به ڊراما لکيا انهن ۾ 'لهرن جو گيت' ۱۹۹۴ع ۾ ۽ 'خالي ڪينواس' ۲۰۰۱ع پروڊيوسر سميع بلوچ پيش ڪيا.

شبنم گل، سنڌي ڊرامن سان گڏ اُردو ڊراما پڻ لکيا آهن، جن ۾ 'خواب ريزا ريزا' ۽ 'تپش' سال جا بهترين ڊراما قرار ڏنا ويا ۽ 'ابر گريزان' کي نيشنل نيٽ ورڪ جي مقابلي ۾ سال جي بهترين ڊرامي جو اعزاز حاصل ٿيو. تازو ئي سندس لکيل ڊرامن جو مجموعو 'لهرن جو گيت' نالي جون ۲۰۲۱ع ۾ رومي پبلشرز پاران شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سندس ۱۱ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما شامل آهن. ۱. اوندهين ۾ روشن ليک، ۲.ڇهاءَ، ۳. احساس، ۴. نئين رُت جا خواب اکين ۾، ۵. ساڀيا جو سندر پل، ۶. بند دروازو، ۷. اُجهاميل ڏيئو، ۸.لهرن جو گيت، ۹. خواهش جي صليب، ۱۰. ورهين جا ويراڳ، ۱۱. اماوس جي رات. جيڪي سندس ڪامياب ۽ شاهڪار ڊراما آهن.

شبنم گل جي شخصيت جي باري ۾ تنوير جوٽيجو لکي ٿي: "شبنم گل جي شخصيت پنهنجي نالي جيان نازڪ ۽ نفيس، خوشبو ۽ سهٽن رنگن جو خوبصورت امتزاج آهي، سندس طبيعت ۾ بردباري رک رکاءُ ۽ سنجيدگي غالب آهي. قدرت واري ڪيس ڏات سان گڏ ڏانو سان به نوازيو آهي ته گهر گرهستيءَ جي فن کان به آگاهه ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي ساٺ لاءِ هڪ معتبر معزز ادبي گهراڻو به عطا ڪيو آهي، جنهن باعث سندس فن ۽ فڪر ۾ پختگي ۽ بلاغت وڌي آهي."(۱)

سچ ته سنڌي ادب جي وسيع ميدان ۾ اسان کي ڪهاڻيڪار عورتون ته ملن ٿيون ۽ ڪجهه قدر ناول نگار به ملي وڃن ٿيون، پر ڊراما نگار عورتون تمام گهٽ نظر اچن ٿيون. شبنم گل عورت ڊراما نگارن ۾ هڪ گُل جيان پنهنجي قلم جي سڃڻ سان ڊراما نگاريءَ جي ميدان کي مهڪايو آهي. پاڻ سنڌي ڊراما نگار عورتن ۾ هڪ الڳ ۽ منفرد حيثيت رکي ٿي.

شبنم گل جي باري ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو: "شبنم گل هن دور جي هڪ اهڙي ليکڪا آهي، جيڪا پنهنجي افسانن، مضمونن ۽ ريڊيو ٽي وي ڊرامن جي ڪري منفرد حيثيت رکي ٿي، خاص ان ڪري به جو هوءَ ادب جي شاگرد جي حيثيت سان بين الاقوامي ادب ۽ فڪر تي به گهري نظر رکي ٿي، جنهن جا اهجاڻ سندس هر تحرير مان ملن ٿا، سندس نثري ادب ۾ 'لفظن جا ديپ'، جيڪو ڪالمن جي روپ ۾ لکيل آهي ۽ افسانن جو مجموعو 'خالي هنج جو ڏک' پنهنجي اهميت ميجائي چڪا آهن، ليڪن هوءَ انهن ليکڪائن مان آهي، جن مضمونن،افسانن، ڪالمن لکڻ سان گڏ

ڊرامي جي صنف کي به موضوع بنايو آهي ۽ ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما به لکيا اٿس، جن جا موضوع جديد دور جي ڪامپليڪس سوسائٽي جي باري ۾ آهن، جن ۾ هن وقت اسين ڪهڙي سماجي، فڪري مسئلن مر گهريل آهيون ۽ انهن جا ڪارڻ ۽ اثرات کي دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيو اٿس."(۲)

عورت اسان جي سماج جو حصو آهي، پر الائي ڇو هن سماج جي مردن هر ڳالهه ۾ ڪيس پوئتي ڏکيو آهي، اسان جي معاشري ۾ هر عورت غلاميءَ واري زندگي گذاري رهي آهي، جيڪا به ان غلامي کان انڪار ڪري ٿي سا باغي، بي حيا، بي شرم وغيره جهڙن لقبن سان نوازجي ٿي، ڪڏهن عورت ريتن رسمن جي آڙ ۾ ته ڪڏهن زمين، دولت ۽ جائداد جي حصي ۽ تقسيم جي ڪري ته وري ڪڏهن سماج جي هٿ ٺوڪين رسمن ۽ رواجن جي ڪري پنهنجي حقن کان محروم رهي آهي. اسان جي سماج جو اڌ حصو عورتن تي مشتمل آهي. هڪ عورت سان پيش ايندڙ مسئلا، پوڳنائون، وارداتون، رسمن ۽ رواجن کان بيزراي، بي جوڙ شاديون يا عورت جو وڪرو وغيره جهڙا مسئلا هڪ عورت ليکڪا ئي بهتر نموني بيان ڪري سگهي ٿي.

شبنم گل جي ڊرامن ۾ عورت جو نفسياتي پهلو وڌيڪ نمايان آهي، سندس شعور جو وهڪرو تيز آهي ۽ سندس عورت جي نفسيات بابت مطالعو ۽ مشاهدو وسيع آهي، تڏهن ئي پاڻ هڪ عورت جي داخلي ۽ خارجي پوڳنائن کي بيان ڪرڻ ۾ سڀني نموني ڪامياب وئي آهي. شبنم جي ڊرامن ۾ عورت پنهنجو وجود ميجائڻ پنهنجي صلاحيتن کي سامهو آڻڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان نظر اچي ٿي. ليڪڪ هميشه موضوع ۽ ڪردار پنهنجي آس پاس جي ماحول مان چونڊيندو آهي، احساس ۽ جذبات سڀ اول پنهنجي ذات مان ۽ پوءِ ٻين ۾ ڳوليندو آهي ۽ لهجو ڪردار ۾ موجود هوندو آهي. هڪ ليکڪ جو سماج سان تمام گهرو ۽ دوستاڻو تعلق هوندو آهي، هو سماج جي هر خوبي ۽ خامي جو مشاهدو ڪندو رهندو آهي ۽ انهيءَ مشاهدي مان هو تخليق جوڙيندو آهي. شبنم گل به پنهنجي گهري مشاهدي ۽ سماج سان دوستاڻي تعلق ڪري عورتن بابت تخليقون جوڙڻ جي ماهر آهي.

شبنم گل جي ڊرامن ۾ حقيقت جو عڪس وڌيڪ آهي، سندس ڊرامن ۾ ڪا به ڪهاڻي يا واقعو اهڙو پيش ڪيل نه آهي، جيڪو عجيب، خيالي يا اوپرو لڳي، پاڻ

زندگي جا حقيقي چٽ خوبصورتيءَ سان چٽي ٿي، ان کان علاوه سندس ڊرامن ۾ اصلاحي پهلو وڌيڪ نظر اچي ٿو، سندس هر ڊرامي ۾ مسئلو ۽ ان ۾ موجود منجهه جي تمام بهترين اصلاحي نموني تي پڃاڻي ٿئي ٿي.

سندس هر ڊرامو سنڌ جي شهري ماحول جو عڪس آهي، سندس ڊرامن جا موضوع رواجي آهن، پر انهن ۾ ڪردار ۽ ان جي ڪيفيت جي گهرائي، پُر اعتمادي ۽ سچائي انهن کي خاص ڪري بيهاري ٿي. شبنم گل جي ڊرامن ۾ پيش ڪيل ٻولي گهٽو ڪري سنڌ جي وچولي واري معياري لهجي جي پيش ڪيل آهي معياري ٻولي ۾ لکيل مڪالما گهرين ڳالهين سان سينگاريل آهن. ڇاڪاڻ جو هر مڪالمو دل ۽ جان سان لکيل محسوس ٿئي ٿو. سندس لکيل ڊراما فني ۽ فڪري حوالي سان ۽ لاجواب آهن، سندس ڊرامن جا پلاٽ، مرڪزي خيال، ڪردارنگاري، مڪالما، اُٽنٽ، عروج ۽ پوءِ پڃاڻي هر جز پنهنجي پنهنجي معيار تي پورو لهي ٿو، شبنم گل جي ڊرامن ۾ خيال جي گهرائي ۽ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيل آهي.

شبنم گل جي ڊرامن جا موضوع ۽ ڪردار ۽ مقصديت سندس همعصرن کان مختلف آهي. "شبنم گل جا ڊراما قابل تحسين آهن. هي عجيب، منفرد ۽ تمام ذهين ليکڪ آهي، جنهن انتهائي خوبصورت ۽ ڪمال موضوعن تي ڊارما لکيا. سنڌي توڙي اردو زبانن تي ڪيس عبور حاصل آهي سندس ۽ ڊراما 'خواب ريزا ريزا' ۽ 'تپش' سال جا بهترين ڊراما قرار ڏنا ويا، مون ريڊيو ۾ ٻٽيهه سال ملازمت ڪئي آهي، جنهن ۾ مون ويهه سال ڊراما پروڊيوس ڪيا آهن، پر اهڙا ڊراما لکندڙ گهٽ نظر آيا جن جو وسيع مشاهدو ۽ موضوع جي چونڊ بهترين هجي، شبنم انهن ۾ شامل آهي، سندس ڊرامن مون کي بيحد متاثر ڪيو ۽ ڪيس ڊرامي لکڻ جو فن اچي ٿو. مون شبنم جو ڊرامو 'ابر گريزان' پيش ڪيو هو، جيڪو احساساتي ۽ سچي ڪهاڻيءَ تي مبني هو، جيڪو پوري ملڪ جي ڊرامن مان بهترين قرار ڏنو ويو هو ۽ بهترين پروڊڪشن تي مون کي ايوارڊ مليو."(۳)

شبنم گل جي ريڊيو ڊرامن جو جائزو:

اوندهين ۾ روشن ليک:

شبنم گل جو هي ڊرامو سماجي آهي، جنهن ۾ هلندڙ زماني جو هڪ سنجيده موضوع منتخب ڪيل آهي، اسان جي سماج ۾ ڪجهه اهڙا امير طبقي جا ماڻهو

۽ آهن جيڪي شهرت وڏائڻ لاءِ ماڻهن سان ڪوڙي همدردي ڏيکارينداآهن، غريب ماڻهن ۾ سامان سيڏو ورهائي اخبارن، ٽي وي چينلن تي پنهنجو ڏيکاءُ ڪندا آهن. وڏيون تقريرون، وڏا واعدا وغيره ڪندا آهن، جن ۾ اڪثر ڪري هتان جا سياستدان ۽ ڪامورا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي انهيءَ عمل سان غريب ماڻهن جي تذليل ڪندا آهن سندن مجبورين مان فائدو حاصل ڪري پنهنجي لاءِ تخت جوڙيندا آهن.

شبنم گل ۽ پنهنجي هن ڊرامي جي ڪهاڻي ۾ موجوده زماني ۾ موجود هڪ رواج هڪ روايت کي بي نقاب ڪيو آهي، ڊرامي جي ڪهاڻي ۾ زرين ويمنز ايند چلڊرين ايسوسيئيشن جي باني ۽ چيئرمين آهي، سندس مڙس جمال ڊاڪٽر آهي ۽ڪين هڪ پٽ آصف نالي سان آهي، زرين پنهنجي اداري ۾ غريب عورتن ۾ ڪپڙا ۽ سلائي مشينون وغيره ورهائڻ جا پروگرام ڪرائي اخبارن، ٽي وي چينلن تي هلائي شهرت حاصل ڪري ٿي، پر جڏهن فوٽوگرافي ۽ ڪيمرائن کان سواءِ هڪ مجبور، لاچار، بي يار مددگار غريب عورت رات جي وقت سندس دروازي تي پنهنجو ننڍڙو ٻچو کڻي سندس زندگي بچائڻ لاءِ مدد گهري ٿي تہ ڪيس زرين ڏکا ڏئي ٻاهر ڪڍائي ٿي ڇڏي ۽ ان عورت جو معصوم ٻچو تڙپي تڙپي مري ٿو وڃي. جڏهن آصف بيمار ٿئي ٿو تہ زرين کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ اها عورت ڪيس بار بار خواب ۾ اچي ٿي، جنهن سبب زرين ڊپريشن جو شڪار ٿي وڃي ٿي، پنهنجي مڙس جي اسپتال ۾ هڪ بيمار ڪينسر جو مريض ٻار ڏسي ڪيس چوي ٿي تہ ان جو مفت علاج ڪرائي، زرين کي مڙس سمجهائي ٿو تہ هي علاج تمام مهانگو آهي ۽ پاڪستان کان ٻاهر ٿئي ٿو ، پر زرين جي روز بگڙندڙ حالت ڏسي جمال ٻار جو علاج ڪرائي ٿو ۽ زرين جي دل کي سڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ زرين آهستي آهستي ڊپريشن واري ڪيفيت مان نڪري ٿي.

شبنم گل پنهنجي ڊرامي ۾ لکي ٿي: "جمال: محبتن جي روشن وات اسان کان وڃائجي وئي هئي ۽ اسان جذبن کان وانجهيل ماحول جا عادي ٿي ويا هئاسين.

زرين: خبر نہ آهي ڇو اسان شهرتن جا تمنائي هوندا آهيون ۽ جڏهن شهرت ملندي آهي تہ تاڙين جي گوڙ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪٽي وڃائي ويهندا آهيون.

جمال: حقيقت تہ اها آهي تہ اهو اسٽيٽس ۽ شهرتون زندگيءَ ۽ محبتن کان وڌيڪ نہ آهن... ڳالهہ رڳو ايتري آهي تہ انسان ڪهڙي شيءَ کي وڌيڪ اهميت ٿو ڏئي

زندگيءَ جي بناوٽي روپ کي يا اندر جي سچائي کي."(۴)

شبنم گل جي هن ڊرامي ۾ سماج اندر هلندڙ رواج کي تنقيدي انداز ۾ عوام آڏو آندو آهي ۽ متئين طبقي سان واسطو رکندڙ دوکيباز، ٺڳن جي اصليت سامهون آڻي بيهاري آهي.

ڊرامي جو مرڪزي خيال تمام معنيٰ خيز آهي، شبنم گل جي هن ڊرامي ۾ پيش ڪيل ماحول سنڌ جي شهري سماج مان چونڊيل آهي هن ڊرامي ۾ هڪ عورت جا احساس ظاهر ڪيا ويا آهن پر صحيح معنيٰ ۾ هن ڊرامي جو موضوع پوري سماج جي نمائندگي ڪري ٿو. شبنم پنهنجي ڊرامي ۾ عورت جو ڪردار پيش ڪيو آهي چاڪاڻ ته عورت حساس آهي انهيءَ ڪري زرين جي ڪردار کي جلد پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿئي ٿو. پر اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪردار اڪثر مرد حضرات جا وڌيڪ هوندا آهن، جن وٽ احساس نالي برابر به نه هوندو آهي.

چهاءُ:

شبنم گل جي هن ڊرامي جو مرڪزي خيال ڏي. ايڇ. لارنس جي ڪهاڻي، Why you touched me تان ورتل آهي، پر شبنم گل هن ڊرامي کي سنڌي معاشري جي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو آهي. بلڪل ائين، جيئن ماضي ۾ مرزا قليچ بيگ، شيڪسپيئر جا ڊراما آزاد ترجمو ڪيا هئا، جن ۾ واقعا ۽ ماحول هوبهو سنڌي معاشري جي مطابق پيش ڪيو هئائين. ٻين به ڪجهه سنڌي اديبن اهڙي نموني جا ترجما ڪيا هئا، بلڪل ائين ئي شبم گل به هن ڊرامي جا ڪردار انگريزي مان مٽائي سنڌي سماج جا پيش ڪيا آهن، فقط مرڪزي خيال انگريزي ڪهاڻيءَ وارو رکيو آهي.

هن ڊرامي جي ڪردارن ۾ راحيلہ، نائلہ سندن پيءُ ۽ سندن مائٽن طرفان هنج ورتل پٽ احسان شامل آهن. نائلہ، احسان کي پنهنجي سڳي ياءُ جيان پيار ڪري ٿي ۽ سندن پيءُ به احسان کي پنهنجي سڳي پٽ جيان عزت ۽ امن ڏئي ٿو. پر راحيلہ کانئُس نفرت ڪري ٿي، راحيلہ جي نفرت گهٽائڻ لاءِ احسان مختلف طريقن سان ڪوشش ڪري ٿو پر ناڪام وڃي ٿو. هڪ دفعي احسان سخت بخار سبب پنهنجي پيءُ جي بستري تي ڪري ٿو پوي ۽ اونداهيءَ ۾ پيءُ جي سنيال لاءِ راحيلہ اچي ٿي، اوندهي ۾ ڪريل

احسان کي پنهنجو پيءُ سمجهي مٿي تي هٿ رکي ٿي ۽ ايڏو بخار ڏسي پريشان ٿي کيس پاڻي ۽ دوا ڏي ٿي. راحيلہ جو اهو ڇهاءُ احسان جي دل ۾ راحيلہ لاءِ محبت پيدا ڪري ٿو ۽ احسان پنهنجي پيءُ سان راحيلہ ۽ سندس شاديءَ بابت ڳالهائي ٿو پر راحيلہ انڪار ٿي ڪري.

ڊرامي جي پڄاڻي شبنم گل هن طرح بيهاري آهي. پاڻ لکي ٿي ته: "راحيلہ: هو هليو ويندو ته سڀ اڪيلا رهجي ويندا سن... بابا ۽ نائلہ ويڳاڻا ٿي پوندا... بابا سان ڪيئن نظرون ملائي سگهنديس... هن جي وڃڻ کان پوءِ ڪير منهنجو خيال رکندو.. هو ئي ته آهي جنهن اڇي منهنجي تنهائيءَ جي يڪسانيت کي ٽوڙيو ...هن جي لفظن جي پنهنجائپ منهنجي بي ستي وجود ۾ زندگيءَ جو روح ڦوڪيو هو.

راحيلہ: نه وڃ احسان پليز مون کي معاف ڪري ڇڏ... مون تنهنجي دل ڏکائي آهي.. مان پنهنجي رويي تي شرمسار آهيان.

احسان: (خوشيءَ مان) راحيلہ..

راحيلہ منهنجي زندگي توکان سواءِ بيهر اونداهين جو ڪاج بڻجي ويندي..

احسان: راحيلہ مان توکي ڇڏي ڪيڏانهن به نه ويندس ڪيڏانهن به نه..."(۵)

شبنم گل جو هي هڪ سنجيده ڊرامو آهي، جنهن جي ڪهاڻي جو مرڪزي خيال ٻاهرين ادب مان چونڊيل آهي. جيتوڻيڪ هي هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو ڪنهن هڪ مخصوص سماج جو نه آهي بلڪ هن قسم جا موضوع هر سماج اندر موجود آهن.

احساس:

شبنم گل جو هن ڊرامي ۾ به هڪ اهم ۽ سنجيده پهلو پيش ڪيل آهي، ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ گهريلو مسئلو پيش ڪيل آهي جيڪو زال ۽ مڙس وچ ۾ پيدا ٿئي ٿو. پاڻ تمام باريڪ بينيءَ سان هڪ عورت ۾ موجود اوگُڻ به تمام سنجيدگيءَ سان مشاهدو ڪري سهڻي انداز ۾ پيش ڪيا آهن.

هن ڊرامي جي اهم ڪردارن ۾ زبير، شيرين ۽ خوشبو شامل آهن، زبير

پنهنجي مڱ ڇڏي شيرين سان شادي ڪري ٿو، شادي جي ڪجهه عرصي کان پوءِ شيرين پنهنجي اصلي عادتن تي هلي ٿي، زبير جو بلڪل خيال نٿي رکي، ٻارن کي بورڊنگ اسڪول ۾ داخلا ڪرائي پاڻ سمورو وقت سهيلين جي پارٽين ۾ فون تي ڪچهرين ۾ گذاري ٿي ۽ سدائين گهر ۾ به پارٽيون ڪري ٿي، جيڪا ڳالهه زبير کي نٿي وڻي ۽ شيرين جي فضول خرچين ۾ سندس سڄي پگهار چٽ ٿي وڃي ٿي. زبير پنهنجي سيڪريٽري خوشبو ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ ڳالهه شاديءَ تائين پهچي ٿي. زبير شيرين مان جان ڇڏائڻ لاءِ مختلف طريقا اپنائي ٿو، هڪ دفعي خواب ۾ (شيرين کي زهر ٿو پياري ۽ شيرين مرڻ کان اڳ پوليس کي بيان ڏئي وڃي ٿي، زبير کي جيل ۽ پوءِ ڦاسيءَ جي سزا ملي ٿي) زبير جي اک کلي ٿي ۽ رڙيو ڪري ٿو. زبير جي ان ڪيفيت کي شبنم گل ڊرامي ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي، پاڻ لکي ٿي ته: ”زبير: تنهنجي غلط رويي ئي مونکي اهڙو خواب ڏيکاريو هو نه ته مون کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو پراين ڇوڪرين جا خواب ڏسندو وتان، بس شيرين اڄ کان پوءِ اسان جي زندگيءَ ۾ صرف سڪون هوندو، محبيون هونديون ۽ اعتماد هوندو، پر ڪو جهڳڙو، غلط فهمي ۽ بي ايماني نه هوندي.“(٦)

نئين رُت جا خواب اکين ۾:

سندس هن ڊرامي جو موضوع به گهريلو آهي، هن قسم جا واقعا هر گهر ۾ پيش ايندا رهن ٿا. هن ڊرامي ۾ مُک ڪردار شازينه ۽ احسن جا آهن، شازينه سس جي رويي مان بيزار ٿي الڳ رهائش اختيار ڪري ٿي، الڳ ٿيڻ کان پوءِ کين ڪيترائي مسئلا در پيش اچن ٿا جهڙوڪ: گهر مان شين جي چوري، تار تي ڌوئي ٽنگيل ڪپڙن جي چوري وغيره انهيءَ قسم جهڙا ٻيا به واقعا کين پريشان ڪن ٿا ، آخرڪار انهن ڳالهين مان جان ڇڏائڻ لاءِ احسن، شازينه کي نوڪري ڇڏڻ ۽ گهر سنڀالڻ ۽ گهر ۾ ماسي کي ڪم کان جواب ڏيڻ جو چوي ٿو. نيٺ شازينه کي احسن کي مجبور ڪري پنهنجي الڳ ٿيڻ واري فيصلي تي پڇتاءُ ٿئي ٿو . شبنم گل احسن جي ڪردار جي جذبن جو اظهار پنهنجي ڊرامي ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي پاڻ لکي ٿي: ” احسن: اهو تنهنجو ضد هو، الڳ رهڻ جو، مون کي ياد آهي جڏهن مون اهو فيصلو امان کي ٻڌايو پئي ته هن جي اکين م چٽنگون دُکي پيون هيون..... ان ڏينهن مون کي ايئن لڳو ايڏي

شان وشوڪت ۽ دٻدٻي سان رهڻ واري ماءُ هڪدم خوفزده ۽ تمام گهڻي پوڙهي ٿي وئي هجي. تون سوچ شازي... شاهزيب توکي ائين ڇڏي هليو وڃي ته تنهنجي دل تي ڇا گذرندي.“(٧)

ساڀيا جو سندر پل:

هن ڊرامي جو موضوع نئون ۽ منفرد آهي، شبنم گل هن ڊرامي ۾ عورت جي نفسيات پيش ڪئي آهي. هڪ عورت کي جيتري عزت پنهنجي گهر ۽ خاندان ۾ ملي ٿي، ٻاهر جي دنيا ۾ بلڪل ان جي برعڪس کيس رويا ڏسڻا پون ٿا، ٻاهر جي دنيا ۾ ٻهروپي مرد کيس ڪهڙين نظرن سان ڏسن ٿا اهو هن ڊرامي ۾ واضح ڪيل آهي. سندس هي ڊرامو نوڪري پيشه عورتن جي ترجماني ڪري ٿو، هن ڊرامي ۾ تمام گهرائي سان هڪ نوڪري پيشه عورت جي جذبن ۽ احساسن ۽ سندس داخلي پيڙاءَ کي ڪنول جي ڪردار جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

هن ڊرامي جا مرڪزي ڪردار ڪنول ۽ اياز آهن، ٻنهي جو رشتو ننڍپڻ ۾ ئي مائٽن طرفان طئي ڪيل هو، ڪنول ان رشتي کي نڀائڻ به چاهي ٿي ۽ زندگي پنهنجي مرضيءَ سان شهر ۾ نوڪري ڪري گذارڻ چاهي ٿي، پر اياز پڙهي لکي پنهنجون خانداني زمينون ٿو سنڀالي ۽ ڳوٺ ۾ رهائش پسند ٿو ڪري. اياز ڪنول کي چوي ٿو تون ڳوٺ ۾ نوڪري ڪري ڳوٺ جا ٻار پڙهاءِ پر ڪنول وڏي شهر ۾ نوڪري ڪرڻ ٿي چاهي، جتي کيس قدم قدم تي مردن جا مطلبي روپ ڏسڻا ٿا پون جيڪي کيس ذهني پريشاني ۾ مبتلا ڪن ٿا ۽ آخرڪار کيس گهر، خاندان ۽ اياز جو احساس ٿئي ٿو ڊرامي جي پڄاڻي تي ڪنول جي دوست صفيه ۽ اياز جي سازش سان خوبصورت نموني تي ڪنول ۽اياز جي شادي ٿئي ٿي.

بند دروازو:

هن ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ عائشه، منصور ۽ سجاد جا ڪردار اهم آهن، عائشه ۽ منصور هڪٻئي کي پسند ڪن ٿا، عائشه جي مٿي جي سور جي تڪليف جي ڪري اکين جي روشني هلي ٿي وڃي ته منصور به کائنس نظرون ڦيرائي ٿو وڃي، سجاد انڌي

عائشہ کي ڏسي ٿو ۽ ساڻس دل ئي دل ۾ محبت ڪرڻ ٿو لڳي. هي عائشہ جي دل ۾ وري جيئڻ جو اُتساھ ٿو پيدا ڪري، عائشہ جي اکين جو آپريشن ڪامياب ٿو وڃي ۽ آپريشن کان پوءِ سندس نظر جڏھن سجاد تي ٿي پوي ته سجاد کيس پنھنجي تصور کان گھٽو گھٽ ۽ عام شڪل جو سادو نظر ٿو اچي ۽ عائشہ جو رويو سجاد ڏانھن خراب ٿو ٿئي، سجاد انھي رويي ڪري عائشہ جو ڏک دل ۾ ڪري هليو ٿو وڃي ۽ منصور وري عائشہ کي اپنائڻ ٿو چاهي. انھيءَ صورتحال کي شبنم گل پنھنجي ڊرامي ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي، پاڻ لکي ٿي ته: " عائشہ: گھرن کي دل سان قبول نہ ڪيو وڃي ته اهي مسافر خانا ٿي پوندا آهن ۽ مان اهڙي ڪنھن گھر وسائڻ کان بي گھر رهڻ وڌيڪ پسند ڪندس مان هن سان ملڻ نٿي چاهيان، هاڻ مون کي ڪنھن جي بہ ضرورت نہ آهي. سھارا عارضي هوندا آهن. انسان ته آهي ئي ازل کان تنها....ڪڏھن راھ ۾ ڪجھ ماڻھو ملي ويندا آهن ته ڪڏھن نيٺ نھار تائين فاصلا هوندا آهن، هاڻ مون کي ڪنھن بہ سھاري جي تلاش نہ آهي. مون دل جي دروازي کي هميشہ لاءِ بند ڪري اُتي نو انٽري جو بورڊ لڳائي ڇڏيو آهي. هاڻ اهو دروازو ڪڏھن بہ نہ کلندو، ڪنھن لاءِ بہ نہ کلندو ڪڏھن بہ نہ....."(٨)

سندس هي ڊرامو بن قسطن ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پروڊيوسر 'گل حسن قريشي' نشر ڪيو. جيڪو پڻ فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ ڪامياب ڊرامو آهي.

اُجھاميل ڏيئو:

شبنم گل جي هن ڊرامي ۾ نوري ۽ وريام جي ڪھاڻي شامل آهي، نوري هڪ گھريلو گھٽ خرچ ڪرڻ واري عورت آهي، ۽ وريام هڪ خوددار شخص آهي ، وريام کي هر انھي ڳالھ کان نفرت آهي جنھن ۾ نڪي ۽ ڏوکو هجي. هڪ دفعي نوري ڪنوار جو جوڑو سِبي ٿي ۽ ان جھڙو جوڑو وريام کي آڻڻ لاءِ چوي ٿي، پاڻ جي شاديءَ ۾ پائڻ لاءِ، وريام وڏي خوشي سان نوريءَ جي فرمائش پوري ڪرڻ جو چوي ٿو، ڇاڪاڻ ته نوري سڄن سارن يارهن سالن ۾ فقط اها ئي فرمائش ڪئي هئي. وريام ڪپڙي جي دڪان تي جوڑو ڏسي ٿو، جنھن جي قيمت ۵۰۰ آهي، جڏھن ته هن وٽ فقط

۲۰۰ آهن. دڪان ۾ هڪ ٻئي مائي ڪپڑو ونڻ لاءِ اچي ٿي ۽ دڪاندار مصروف ٿي وڃي ٿو ته وريام جوڑو کڻي پڇي ٿو، بازار ۾ چور چور جو آواز گونجي ٿو، وريام سھڪندي چوي ٿو هي مونکان چا ٿي ويو، ڊرامي جي پڇاڻي تي وريام جو ايڪسيڊنٽ ٿي وڃي ٿو.

لھرن جو گيت:

متئين طبقي جي ماڻھن جي سخت مصروف زندگين ۽ اولاد کي وقت نہ ڏيڻ سبب انھن تي جيڪي اثر پون ٿا ۽ جوانيءَ تائين انھن جي سوچ، فڪر ۽ روش ڪھڙي نموني ظاهر ٿئي ٿي، تنھن کي هن ڊرامي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

ڊرامي ۾ نرمل پنھنجي ماءُ پيءُ جي گھٽ توجہ ڪري سخت ڊپريشن جي مريض ٿي وڃي ٿي، نرمل نديپڻ کان ڪري پنھنجي ماءُ پيءُ جو وڙھڻ ۽ اڪيلائي واري زندگيءَ مان بيزار ٿي پوي ٿي ۽ هڪ خواب کيس مسلسل پريشان ڪري ٿو، جنھن ۾ هي هميشہ ريل ۾ سفر ڪري ٿي ۽ ڪنھن ٻئي اسٽيشن تي لھي پوي ٿي. انھي حالت مان بيزار ٿي نرمل خودڪشي ڪرڻ لاءِ سمنڊ ڏانھن وڃي ٿي ته سندس ڊرائيور آصف کيس بچائي ٿو وڃي ۽ کيس پنھنجي گھر ٿو وڃي. نرمل آصف جي مائٽن جو پيار ڏسي وري جيئڻ ٿي چاهي ۽ آصف کي پسند ڪرڻ لڳي ٿي، آصف MBA ڪري پنھنجي بيمار پيءُ جي جاءِ تي نرمل جي والدين جو ڊرائيور ٿو ٿئي، نرمل آصف سان شادي لاءِ مائٽن کي چوي ٿي جيڪا ڳالھ سندس ماءُ کي بلڪل نٿي وڻي، هوءَ پنھنجي اسٽيٽس مطابق پنھنجي پاڻيجي سان نرمل جي شادي ڪرائڻ ٿي چاهي، نرمل جو پيءُ سندس سات ڏئي ٿو پر ماڻس نٿ نٿي مڃي ۽ آخرڪار نرمل هڪ دفعو وري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، وري بہ کيس آصف ٿو بچائي.

شبنم گل، آصف ۽ نرمل جا ويچار هن طرح پنھنجي ڊرامي ۾ لکي ٿي: "آصف: تو ڪڏھن چيو هو ته اسان ٻارن جو وڃائجي ويل نديپڻ گڏجي ڳولينداسين... ڪين ملي جبري طور تي ڪسجي ويل فطري مرڪ موٽائي ڏينداسين...۽ تنھنجي ايتري حيثيت آهي جو تون هن ڏرتيءَ تي وسندڙ ڏٺڙيل ٻارن جي مستقبل کي بچائڻ لاءِ ڪجھ ڪري سگھين....

نرمل: اڄ تائين مان پنهنجي ذات لاءِ سوچيندي رهيس...مون ته ڪڏهن به نه سوچيو ته منهنجي چوڌاري اهڙا ماڻهو به آهن جن کي منهنجي مدد جي ڪا ضرورت آهي.

آصف: هڪ واضح مقصد تنهنجي سامهون آهي.

نرمل: مون جيڪڏهن هڪ ٻار جو ننڍپڻ جيڪڏهن گم ٿيڻ کان بچائي ورتو ته سمجهندس ته منهنجي زندگيءَ جي هر محروميءَ جي تلافي ٿي ويندي."(۹)

شبنم گل جو هي ڊرامو به هڪ بهترين ڊرامو آهي، جيڪو ڏسندڙن ۾ تمام مقبول ويو. سندس هي ڊرامو پاڪستان ٽيلي ويزن تان ۱۹۹۴ع ۾ نشر ٿيو ، هن ڊرامي جو پروڊيوسر 'سميع بلوچ' هو.

خواهشن جي صليب:

سندس هن ڊرامي جو مرڪزي خيال 'موپاسان' جي ڪهاڻي 'دي نيڪلس' تان ورتل آهي، پر هن ڊرامي ۾ پيش ڪيل ماحول ۽ ڪردار سنڌي سماج مان پيش ڪيل آهن.

ڊرامي ۾ حسن ۽ سعيده جي زندگي غريب حال ۾ پئي ٿي گذري، هڪ دفعي حسن پنهنجي اداري ۾ تعليم جي وزير جي مان ۾ ڊنل پارٽي ۾ ويڙ لاءِ تمام مشڪل سان سعيده لاءِ به ڪارڊ ونڻي اچي ٿو پر سعيده ٿي چويس ته ان دعوت ۾ هلڻ لاءِ مون وٽ ڪو پائڻ لاءِ سٺو جوڙو نه آهي. حسن ڪيس پنهنجي دوستن سان گڏ شڪار تي وڃڻ لاءِ رڪيل پيسن مان هڪ خوبصورت جوڙو ڌهرائي ٿو ڏي وري سعيده چوي ٿي ته مان جيولري کان بغير ڪيئن هلندس ۽ سعيده پنهنجي پراڻي دوست سلميٰ کان جيولري ونڻي اچي ٿي. نيٺ دعوت ۾ سعيده سهڻي نموني تيار ٿي وڃي ٿي ۽ سندس تعريف به جام ٿئي ٿي. اهو ڏينهن سعيده جي زندگيءَ جو خوبصورت ڏينهن هو. دعوت مان جڏهن ٻئي گهر واپس اچن ٿا ته سعيده جو هار گڇي مان گم ٿو ٿي وڃي، حسن سڄي رات هار گولي ٿو پر هار نٿو ملي. آخرڪار حسن قرض کٽي گهر، ٽانون ٽڪر وڪٽي انهي ڊيزائن جو سونو هار ڌهرائي ۽ سلميٰ کي واپس ڪري ٿو. سندن مفلسي حد کان وڌيڪ وڌي وڃي ٿي سعيده ۽ حسن ٻئي وقت کان اڳ جلد پوڙها ٿي وڃن ٿا، هار واپس

ڪرڻ جي ڏهن سالن کان پوءِ بازار ۾ سعيده، سلميٰ کي ڏسي ٿي پر سعيده کي سلميٰ نٿي سڃاڻي ۽ پوءِ سعيده کيس هار جي سيٽ جو سمورو قصو ٻڌائي ٿي.

پنهنجي ڊرامي ۾ شبنم گل لکي ٿي: " سلميٰ: سعيده... سعيده... تو هي ڇا ڪيو؟ تو هڪ ننڍڙي غلط فهميءَ جي ڪري پنهنجي سڄي زندگي برباد ڪري ڇڏي !

سعيده: سلميٰ! تون ايتري پريشان ڇو ٿي وئي آهين؟

سلميٰ: تو جنهن هار کي اصلي سمجهيو هو، اهو نقلي هار هو.... ان جي قيمت وڌ ۾ وڌ ٻه ٽي سؤ ٿيندي!(۱۰)

شبنم گل جو هي ڊرامو به ڪامياب ڊرامن ۾ شمار ٿئي ٿو، سندس هي ڊرامو ريڊيو پاڪستان حيدر آباد تان پروڊيوسر 'گل حسن قريشي' پيش ڪيو هو.

ورهين جا ويراڳ:

هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار يوسف آهي، ڊرامي جي آغاز ۾ يوسف ۽ ولي محمد جيل ۾ سزا پوڳي رهيا آهن، سندن جيل کوڻيءَ ۾ عثمان به ڪنهن سزا ۾ اچي ٿو، ڪجهه ڏينهن ۾ هنن جي پاڻ ۾ چگي واقفيت ٿي وڃي ٿي ۽ عثمان هڪ دفعي يوسف کان پنهنجي گذريل ڪهاڻي جي باري ۾ پڇي ٿو ۽ يوسف کيس ٻڌائي ٿو.

يوسف جنهن ڳوٺ ۾ رهي ٿو ان جو زميندار ڏاڏو رحمدل هوندو آهي، ان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شبهاز خان تمام خراب عادتن وارو عياشي ۽ ڪبابي هوندو آهي. هو يوسف کي ۽ سندس پاڻ نواب کي بلڪل ڪو نه سهندو آهي. هڪ دفعي يوسف جي پاڻ کي مار ڏياري سندس هڏڪڻ ٿو ڇڄائي. يوسف ان ڪاوڙ کي برداشت ڪري ٿو، متان وري وڌيري جي نظر سندس مڱيندي نازان تي پوي ٿي ۽ هو يوسف کي ڪوڙي ڪيس ۾ فاسائي ان سان شادي ڪري ٿو ۽ نازن به وڌيرکي سستم جو حصو بنجي خوش رهي ٿي. يوسف ۾ بدلي جي باهه پڙڪا ڪائي ٻاهر ٽر نڪري يوسف آزاد ٿي ۽ وڌيري کان پلاند ڪري ماري ٿو وجهيس.

نازان ۽ يوسف جي گفتگو شبنم گل پنهنجي ڊرامي ۾ هن طرح تحرير ڪئي

آهي. پاڻ لکي ٿي: "نازان: يوسف، پريت جي اها جوت، ڪجھ گھڙين لاءِ تيز هوا اُجھائي ڇڏي هئي. وري من ۾ پنيت بٽجي اٿي آهي. اهي ويچا، اهي نفرتون، روح جي رشتن کي ڪڏهن بہ ٽوڙي نہ سگھنديون آهن.

يوسف: هوءَ ان کان پوءِ شايد اڄ بہ اڳئين وانگر پھرن جا پھر مٽي ڪڏ تي بيھي منھنجو اوسيئڙو ڪندو هجي ! پر ورھين جي ويراڳ ۾ هاڻ تہ سندس شبيھ بہ ڏنڌلي ٿي وئي آهي. سڀ ڪجھ نظر جو ڏوڪو آهي. اسان تہ بس رڳو پاڇن پنيان ڊوڙندا رهندا آهيون. پاڻ کي فريب ڏئي خوش ٿيندا آهيون.(۱۱)

شبنم گل جي اڪثر ڊرامن جا موضوع شهري زندگيءَ جي نمائندگي ڪن ٿا، موضوعاتي حوالي سان سندس هي ڊرامو ٻين کان مختلف آهي، جنھن ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ترجماني ڪيل آهي.

اماوس رات:

شبنم گل جو هي ڊرامو هڪ ڪامياب ۽ بھترين ڊرامو آهي، جنھن ۾ مڊل ڪلاس فيملي جو عڪس پيش ڪيل آهي. هن ڊرامي جي خاص ڪردارن ۾ رابيل، سارنگ، فياض، نياز ۽ ساجده شامل آهن، رابيل جائي جم کان انڊي هوندي آهي ۽ سارنگ سندس سؤٽ ڪيس پسند ڪندو آهي، رابيل جي اکين جو علاج ممڪن آهي پر سندس والدين اهو خرچ ڪري نٿا سگھن. فياض جيڪو هڪ بلڊر آهي ۽ نياز رابيل جو پيءُ سندس آفيس ۾ ملازم آهي. فياض جون اڳ ۾ بہ شاديون ھيون ۽ هڪ پٽ ، پر پٽ ايڪسيڊنٽ ۾ مري ٿو وڃي ۽ زال هڪ ڇڏي ٿو ڏي ۽ بي مري ٿي وڃي ۽ هو اڪيلو رهجي ٿو وڃي. فياض، نياز تي رابيل جي ڪري تمام احسان ڪندو رهي ٿو ۽ نيٺ رابيل جو رشتو گھري ٿو. آخرڪار فياض رابيل سان شادي ڪري ٿو، شادي کان پوءِ رابيل جي اکين جو آپريشن ٿئي ٿو رابيل ڏسڻ لڳي ٿي، پر رابيل جو روح سارنگ سان اٽڪيل رهي ٿو ڪيس سارنگ سمجھائي ٿو ۽ تہ تون هاڻ ڪنھن ٻئي جي امانت آهين.

سارنگ ۽ رابيل جي ڪيفيت کي شبنم گل ھن طرح پيش ڪيو آهي. پاڻ لکي ٿي تہ: "سارنگ : رابيل... منھنجو توسان ائين گھمڻ مون کي مناسب نٿو لڳي...
رابيل: ڏچين ٿو...

سارنگ: ها... چاچا نياز جي مجبورين کان... پنھنجي محبت جي تڙپ کا...دنيا وارن کان...رسمن ... ۽ ان ڪيفيت کان تہ تون هاڻ پرائي ٿي چڪي آهين....

رابيل: سارنگ ! پھريون جڏھن منھنجي اکين ۾ اونداهي پريل هئي تہ تو مون کي پنھنجي لفظن سان دنيا ڏيکاري هئي... هاڻ...مان توسان گڏ هر ان منظر کي ڏسڻ ٿي چاهيان،، جيڪو تنھنجي لفظن وسيلي محسوس ڪيو هئم...

سارنگ: هي توسان مان آخري دفعو آيو آهيان رابيل... اڳتي اهڙو ضد ٻيھر نہ ڪجانءِ....

رابيل: دل ٿي چوي وقت کي منٽ ڪيان جيڪر بيھي رهي سارنگ !(۱۲)

ڊرامي جي پڄاڻيءَ تي فياض سارنگ ۽ رابيل کي گڏ ويٺل ڏسي سارنگ کي مارائي ٿو ڇڏي ۽ رابيل جي ان ڏڪ ۾ وري اکين جي روشني هلي ٿي وڃي.

شبنم گل جي ڊرامي اماوس رات لاءِ ڊاڪٽر قاضي خادم لکي ٿو: " شبنم اماوس رات ۾ پنھنجي موضوع سان انصاف ضرور ڪيو آهي، لڳي ٿو تہ ھن جي اندر ۾ ھن سماج کي بدلائڻ جو تمام گھرو جذبو آهي، جيڪو ٿي سگھي ٿو تہ وقت سان گڏ ايا بہ وڌي وڃي، حالانڪ اسان جي سماج جو مدي خارج قبائلي ڪردار اهڙو جلد ختم ٿيندو نظر ڪو نہ ٿو اچي."(۱۳)

شبنم گل جو هي ڊرامو کي.ٽي.اين. تان ٽيليڪاسٽ ٿيو ۽ تمام گھٽو پسند ڪيو ويو، سندس هي ڊرامو موضوع، ڪردارنگاري ۽ مقالمن جي حوالي سان هڪ بھترين ڊرامو آهي.

نتيجو:

شبنم گل جي ڊرامن جي نتيجي مان معلوم ٿيو تہ: سندس ڊرامن ۾ سندڙ جي شهري سماج کي وڌيڪ فوڪس ڪيو ويو آهي، ، پاڻ هڪ سنجيده ۽ گھري سوچ ۽ فڪر جي مالڪ ڊراما نگار آهي. سندس لکيل اڪثر ڊرامن ۾ شهري عورت ۽ ان سان پيش ايندڙ مسئلا، رويا،پيچيدگيون، وغيره تمام سھٽي انداز ۾ پيش ڪيل آهن. مثال طور: سندس ڊرامي 'اونداهين ۾ روشن ليڪ' ۾ اهم ڪردار هڪ اپر ڪلاس شهري

عورت زرين جو آهي، ۽ 'ڇهاءُ' جنهن جو مرڪزي خيال آهي تہ انگريزي ڪهاڻي تان ورتل پر ان ۾ بہ وچولي طبقي جي راحيلہ جو ڪردار اهم آهي. 'احساس' ڊرامي ۾ شيرين جو ڪردار نمايان آهي. اهڙي ريت سندس لکيل ڊرامي 'نئين رُت جا خواب اکين ۾' جي شازيہ جو مک ڪردار آهي. جيڪڏهن ' خواهشن جي صليب' ڊرامي کي ڏسجي تہ ان ۾ بہ سعيده جو ڪردار وڌيڪ چٽو ڪيل آهي ۽ 'بند دروازو' ڊرامي ۾ انڌي عائشہ جو ڪردار خاص آهي، 'لهرن جو گيت' جي نرمل جو ڪردار سڄي ڊرامي تي حاوي آهي ۽ 'اماوس رات' ڊرامي جي سموري ڪهاڻي رابيل جي چوگرد ڦري ٿي ، ۽ 'ورهين جي ويراڳ' جي نازان ۽ 'اُجهاميل ڏيئو' جي نوري بہ خاص ڪردار آهن.

شبنم گل هڪ حساس ڊراما نگار آهي، پاڻ عورت جي نفسيات کان چڱي ريت واقف آهي، عورت جي مسئلن کي گهرائيءَ ۽ سچائيءَ سان لکي ٿي، سندس لکيل هر ڊرامو حقيقت کي ويجهو آهي، پاڻ جيڪو ڏٺو اٿس اهو پيش ڪيو اٿس، سماج ۾ مردن جو عورت سان رويو ڪٿي منفي ۽ ڪٿي مثبت پر حقيقي نموني واضح ڪيو اٿس. شبنم گل ايا سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عورت تي گهٽ لکيو آهي. سنڌي معاشري ۾ ٻهراڙيءَ جي عورت شهري عورت جي مقابلي ۾ وڌيڪ پوڳي ٿي، ان جا مسئلا شهري عورت کان وڌيڪ ۽ مختلف آهن. اميد ٿي ڪيان تہ آئيندي ۾ هي حقيقت پسند ۽ روشن خيال سنڌ جي صدوري ليکڪا سنڌ جي ڳوٺاڻي عورت جا مسئلا، ڏکيائيون، ڏک ۽ سور پنهنجي ڊرامن ۾ پيش ڪندي.

حوالا

۱. گل، شبنم، ۲۰۱۷ع، 'خالي هنج جو ڏک' ، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، سنڌ، ص: ۱۹.

۲. گل، شبنم، ۲۰۲۱ ع، 'لهرن جو گيت' ، (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) رومي پبلشرز، ص: ۹.

۳. ساڳيو، ۳۰۵.

۴. ساڳيو، ۳۶.

۵. ساڳيو، ۵۴،۵۵.

۶. ساڳيو، ۷۶.

۷. ساڳيو، ۸۸.

۸. ساڳيو، ۱۴۵.

۹. ساڳيو، ۱۷۶.

۱۰. ساڳيو، ۱۹۴.

۱۱. ساڳيو، ۲۱۰.

۱۲. ساڳيو، ۲۷۸.

۱۳. ساڳيو، ۱۵.